رقيہ عامر

# حاميِ، هاديِ، هاشميِ، محبوبِ لطيف


***Abstract:***

## Hami, Hadi, Hashmi, Beloved of Latif

*Shah Latif in his poetry not only on talks about the oneness of Allah but also praises the dignity of his beloved prophet Hazrat Muhammad (P.B.U.H.).*

*Shah Latif praises all of his beloved's qualities and calls upon him for help. Latif makes mention of his beloved in many of his chapters (Sur) and refers to him as the helper of the universe. Allah created this universe for Prophet Muhammad (P.B.U.H.) and showed him his throne and Allah nearly met with his beloved Prophet as well. Latif mention this scenario in many of his chapters (Sur). In those chapters (Sur) especially in Sur Soorath sur Momoomal Rano he mentions about the journey of the Mairaaj.*

*This article is about Latif's beloved. Latif believes that his beloved's dignity and respect is mercy and favor of Allah which is just like the explanation of Quran. Just like Quran speaks of dignity and glory of Allah so does Shah Jo Risalo which is an explanation of the dignity and greatness of Latif's Beloved. He created the entire universe and he Himself is the master of it. He made Latif's beloved the supporter, helper, and leader for mankind.*


"اڪيون ميگهہ ملهار، صورت تنهنجيءَ سڀ جڳ موهيو "

شاهہ لطيف، مجازي عشق جي آڳ مان اڪريو جنهن ڪيس حقيقي عشق جي منزل تي پهچائي، جانب جو جيئري ئي جمال پسايو. جيڪو سندس ڪلام مان واضح طور تي نظر اچي ٿو. پر لطيف، مديني جي مير مرسل ڪي ڪارڻي ۽ پنهنجو محبوب مڃي ٿو. شاهہ لطيف پنهنجي ڪلام ۾ حضور سڳوريﷺ ڪي گهڻو واکاڻيو آهي. ڪيترن ئي سرن ۾ پنهنجي محبوبِ رباني جي سونهن ۽ اخلاق جي ساراهہ بابت بيت چيا اٿس. سرڪنڀات، سرسارنگ، سرسريراڳ، برؤو سنڌي، سرڍهر، سربلاول، سرسورٺ،





سُر رامڪلي، سُر سسئي آبري، سرپورب، سُر مومل راڻو، سرمارئي، سرڪيڏارو، سرساموندي، سرحسيني، سُر معذوري وغيره. پر سُرڪنڀات ۽ سر برؤو سنڌي ۾ تمام گهڻي واکاڻ ڪيل آهي. شاهہ لطيف پنهنجي محبوب مدني ﷺ کي ڪيترن ئي سهڻن سنڌي نالن ۽ لقبن سان ڪوٺيو آهي. مثلاً:ڪريم، ڪارڻي، مديني جو مير، مٽيادار، مهندار، ساهڙ، سپڙ، سردار، سرواڻ، سيد، شاهہ، شير، گهوٽ، والي، ڍول، حبيب، طبيب، نجيب، حامي، هادي، هاشمي، رهبر، رهنما، مصطفيٰ ۽ رحمة اللعالمين.

اهڙيءَ طرح شاهہ لطيف پاڻ ڪريمﷺ جي نور جي تخليق کان وٺي، ولادت، نبوت جو ملڻ، معراج تي پهچي پرين جي جمال جو جلوو پسڻ سان گڏ انيڪ معجزن ۽ ڪائنات جي تخيلق جو ڪارڻ بہ ڪين ئي سمجهندي بيتن ۾ بيان ڪيو آهي. ان لاءِ لطيف ڪنهن هڪ ئي سر تائين سندن ذڪر کي محدود نہ ڪيو آهي. جيئن روميءَ پنهنجي مثنوي ۾ هر هڪ داستان کي شروع کان آخر تائين سربستو بيان ڪيو آهي. جڏهن تہ لطيف پنهنجي منفرد انداز سان، هر سر ۾ موقعي جي مناسبت سان سندن شان جو شعور بيان ڪيو آهي. هن مقالي ۾ لطيف سائينءَ جي انهن بيتن جي روشنيءَ ۾ سندس محبوب جي محبت ۽ ان جي دنيا ۾ اچڻ جو ڪارڻ بيان ڪري روشني وڌي وئي آهي.

### نورِ مُحمدي ﷺ :

الله پاڪ نور آهي ان لاءِ قرآن پاڪ جي سورت نور ۾ ارشاد فرمايل آهي تہ: "اللهُ نورُالسماوات"، "الله زمين ۽ آسمان جو نور آهي"، الله پاڪ پنهنجي ان نور مان جيڪا پاڪ هستي پيدا ڪئي، اها آخري پيغمبر حضرت محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ ﷺ آهي. اهو نور هڪ ستاري ۾ هو، جيڪو انسان جي تخليق ٿيڻ سان ان ۾ لاٿو ويو. جنهن جو قسم خدا تعاليٰ پاڻ سور النجم ۾ ڪنيو آهي:" قسم آهي ان ستاري جو جڏهن اهو لهي ٿو". حضرت آدمؑ جي تخليق وقت جڏهن ان جو بت مٽيءَ مان تيار ٿي ويو، پوءِ ان ۾ روح ڦوڪيو ويو، تڏهن جُهلَ ڪري اٿڻ واري ڪئي، تڏهن الله پاڪ چيو تہ: "بيشڪ انسان جلد باز آهي"، پو ان ستاري کي لهڻ جوحڪم ڪيو ويو جيڪو حضرت آدم جي پيشانيءَ ۾ چمڪندو رهندو هو، ان کان پوءِ سڀني ملائڪن کي سجدي جو حڪم ٿيو، ۽ تڏهن شيطان ابليس کان سواءِ سڀني سندس سجدو ڪيو، ۽



Shah Abdul Latif Bhitai Chair
Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آدم مسجودي ملائڪ بڻيو: ”خلق آدم عليٰ صورت، ايءَ وٽن منجھ ورونهن“. اهو نورِ محمدي جو ستارو هو، جنهن جو قسم خدا پاڪ سورت النجم ۾ ڪنيو آهي، ۽ شاهه لطيف پڻ ان جو اشارو سر سارنگ جي وائيءَ جي هڪ بيت ۾ هيئين ريت بيان ڪيو آهي:

قادر پاڻ قسم ڪنيا، خاڪ قدمن جي ڪلتار!

ڪائنات جي خالق ۽ مالڪ، سڀ کان پهريائين بلڪ حضرت ابوالبشر آدمؑ جي پيدائش کان اڳ، حقيقت محمديءَ کي نورِ مصطفيٰ ﷺ جي صورت ۾ پيدا فرمايو. عربي ڪتاب انوار محمديه ۾ پڻ اهو بيان ٿيل آهي ته: ”جڏهن الله تعاليٰ ڪائنات مخلوق جي پيدا ڪرڻ جو ارادو فرمايو، تڏهن سڀ کان پهريائين پنهنجي نور مان حقيقت محمديءَ کي چمڪايائين (پيدا ڪيائين). پوءِ ان نور محمديءَ مان ٻيا جهان پيدا ڪيائين، هيٺيان مٿيان، جهان پيدافرمايائين، پوءِ ڪائنات جي هر شيءِ کي حقيقت نبوت محمديءَ جي ڄاڻ سان روشناس ڪيائين ته ساري ڪائنات ان محبوب ڪريم نبي آخر زمان صدقي پيدا ڪئي اٿم. ان وقت حضرت آدم عليه السلام پيدا نه ٿيو هو، يعني عالم ارواح ۾ پنهنجي قدرت سان اهو اهتمام خود خدا تعاليٰ ڪيو هو. جن و اِنس کان عالم ارواح ۾ ادب اتباع جو واعدو وٺي، اقرار ڪرايو هو. شاهه لطيف ان اول تخليق ڏي هن طرح اشارو فرمايو آهي.“(۱):

نڪا ڪُنُ فَيَڪُون هئي، نَڪو لڳ لحم،
بنيو هو نه بت ۾، اڃا ڪي آدم،
مون توهين سين سنگ، اها ساڃاهه سُپرين!

(شاهواڻي غلام محمد، ’شاهه جو رسالو‘، سُر مارئي، داستان ۱، بيت: ٦، ۲۰۰۵ع، ص: ۵۵۸)

جڏهن الله پاڪ ارواحن کي خلقي، پنهنجي ربوبيت جو اقرارا ڪرايو هو”الست بِربکم: ڇا نه آهيان مان اوهان جو رب“، ان وقت سڀني کان پهرين سرروري ڪائنات ﷺ ’بليٰ‘ (هائو سائين) ”بيشڪ تون اسان جو رب آهين“، ان کان پوءِ سڀني ارواحن اهو اقرار ڪيو هو. جنهن لاءِ شاهه لطيف تصيديق ڪندي چئي ٿو:

الست بِرَبِڪم، جڏهن ڪَنِ پيوم،
قالوبليٰ قلب سين، تڏهن تِتِ چيوم،
تنهين ويل ڪيوم، وچن ويڙهيچن سين.

(شاهواڻي غلام محمد، ’شاهه جو رسالو‘، سُر مارئي، داستان ۱، بيت۱، ۲۰۰۵ع، ص: ۵۵۸)





جڏهن سڀني ارواحن اهو اقرار ڪيو ته پوءِ آدمؑ جي تخليق ٿي، ۽ سڀني ملائڪن کان ڪيس سجدو ڪرايو ويو. ان کان پوءِ جڏهن حضرت آدم عليه السلام ۽ ٻين سڀني نبين کي نبوت ڏيڻ کان اڳ حضرت محمد ﷺ جي آخري نبوت بابت پڻ اقرار ورتو، جنهن جو قرآن ڪريم ۾ پڻ ذڪر بيان ٿيل آهي. سيپارو ۳، سورت آل عمران جي آيت ۸۱، ۾ارشاد رباني آهي ته: ترجمو: ”اي حبيب توهان ياد ڪيو جڏهن الله تعاليٰ پيغبرن کان واعدو ورتو ته جنهن وقت آئون توهان کي ڪتاب ۽ حڪمت عطا ڪريان، انهيءَ کان پوءِ توهان وٽ رسول عربي تشريف فرما ٿئي، جيڪو توهان جي ڪتابن جي تصديق ڪري، ته توهان ضرور ضرور انهيءَ تي ايمان آڻيو ۽ ضرور ضرور انهيءَ جي مدد ڪجو. الله فرمايو ڇا توهان اقرار ڪيو ۽ انهيءَ تي منهنجي پڪي وعدي جوبارڪنيو، (رسولن) عرض ڪيو اسان اقرار ڪريون ٿا، الله فرمايو توهان هڪ ٻئي تي شاهد ٿيو ۽ آئون به توهان سان گڏ شاهد آهيان“.(۲) ان اقرار ڪرڻ سان ئي سڀني نبين سڳورن هڪ آواز ۾ ڪلمو ”لا اِلٰه اِلا الله محمد رسول الله“ پڙهيو، جنهن کي ڪلمه طيب چئجي ٿو، طيب معنيٰ پاڪ. ان محبوب رباني تي سڀني سڪ سان ڪلمو پڙهيو. جنهن لاءِ شاهه لطيف فرمائي ٿو ته:

لااِلٰہ الااللّٰهُ محمد رسُولُ اللّٰهِ، رکيائين تَندُن مَنجهِ تَنَوارَ،

******

ڪلمو تنهن ڪريم تي، چٽو چايائين

*****

وحده جي وڏيا، الاالله اڏ ڪيا،
محمد رسولُ لله چئي، مسلمان ٿيا.
عاشق عبداللطيف چئي، انهيءَ پَهِ پيا.
تيلانهن ڏٺي ڏُئا، جيلانهن ويا وحدت گڏجي.

(شاهواڻي غلام محمد، ’شاهه جو رسالو‘، سُر ڪلياڻ، داستان ۱، بيت ۱۱، ۲۰۰۵ع، ص: ٦٨)

جڏهن سڀني نبين جي ارواحن اهو اقرار ڪري، پوءِ ڪريم تي ڪلمو پڙهيو، ۽ انهن کي تاڪيد ڪئي وئي ته پنهنجي امتن کي به تاڪيد ڪجو ته ان جي نبوت کي

مجن. اها پاڪ هستي ئي هن ڪائنات جي پيدا ٿيڻ جو ڪارڻ ۽ سبب آهي. ان ڪري حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ کي سڀني نبين جو سردار ڪري آخر ۾ پيدا فرمايائين، ان جانيءَ جي لاءِ هي جهان جوڙيائين جنهن جو شاهه لطيف هن طرح ذڪر ڪري ٿو:

جوڙي جوڙ جهان جي، پاڻ ڪيائين پروار،
حامي، هادي، هاشمي ، سردارين سردار،
سونهين صحابن سٺ ۾، منجهه مسجد مٽيادار،
چارئي چڱا چوڌار، هئا هيڪاندا حبيب سان.

(شاهواڻي غلام محمد، ’شاهه جو رسالو‘، سُرڪلياڻ، داستان: ۱، بيت: ۳، ۲۰۰۵ع، ص: ٦١)

جوڙي جوڙَ جهَان جي ، جڏهن جوڙيائين،
خاوند خاص خَلقي ، مُحَمّدُ مُڪائِين،
اَنَا مولاڪ وَ اَنتَ مَحبُوبي ، اِيئَن اُتائِين،
ڏِکي ڏِنائِين، ٻِئي سَرائون سَيِّدُ چي.

(شاهواڻي غلام محمد، ’شاهه جو رسالو‘، سُر داستان: ۱، بيت: ۲، ۲۰۰۵ع، ص: ٦٥)

انهن بيتن مان معلوم ٿئي ٿو، ته رب پاڪ پنهنجي محبوب لاءِ سڀ جهان جوڙيا، ”مطلب ته سڀ کان پهرين الله تعاليٰ حضرت محمد ﷺ جن جو نور تخليق ڪيو ۽ ان جو ذڪر ڪيو يعني ساراهه ڪئي ۽ پوءِ ’ڪُن‘ جي امر سان جهان جوڙيو. هن جهان جي هر هڪ تخليق، آسماني ۽ زميني سڀني الله جي اختيار ۽ طاقت سان حضرت محمدﷺ جي اطاعت ڪئي. تخليق ڪائنات جي هر شيءِ جو تعلق روح محمدﷺ سان آهي. تخليق ڪائنات جو موجد به پڻ ذات محمدي آهي. جهڙي طرح هڪ ٻج جي داڻي ۾ پاڙ، پن، ڏاندي ۽ ٻين اهڙن ڪيترن ئي ٻجن جو وجود لڪل آهي، تيئن روح محمدي ﷺ ۾ باقي مخلوق جو وجود پوشيده آهي.

خالق نور خلقيو، بيان ڪيو بيان،
چئي ڪن فيڪون، جوڙيائين جهان،
سج چنڊ تارا، ڪتيون ارض آسمان،
سندي سگهه سبحان، مڙني محمد مڃيو.“ (۳)





## ڪارڻي:

شاهه لطيف، حضرت محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ ﷺ جن جي شان کي وڏي محبت سان بيتن ۾ بيان ڪيو آهي. سر ڪلياڻ ۾ جتي الله پاڪ جي هيڪڙائي ۽ وحدانيت جو ذڪر ڪري ٿو، اتي پنهنجي محبوب ڪريم کي به بيان ڪري ٿو. ان لاءِ عام کي هدايت ڪري ٿو، ته واحد جي وحدانيت سان گڏ، ڪريم کي ڪارڻي تسليم ڪيو. ان ڪريم جي در تي ڪنجڪي جهلي ان جي واسطي سان واحد ڪان دان گهرو ته خالي ڪونه موٽايا ويندؤ. هن ڪائنات جي خلقت جو سبب اها مبارڪ هستي آهي، جنهن جي صدقي هي جهان جڙيو، ۽ سڀني نبين سڀورن جو سردار آهي. ان مان واضح ٿئي ٿو، ته شاهه لطيف تمام گهڻي محبت مدني مير مرسل سان ڪري ٿو ڇو ته الله پاڪ جڏهن ان جو مولا آهي ان کي پنهنجو محبوب مڃي ٿو، ته پوءِ ڇو نه ان عالمين جي رحمت سان عشق ڪجي، ڇو نه ان الله جي حبيب سان پيار ڪجي، پوءِ ڇونه ان محبوب رباني کي پنهنجو محبوب مڃجي. جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته ”الله تعاليٰ هدايت ان کي ڪري ٿو، جنهن جو هادي ڪارڻي آهي، ۽ (رحمت جي) روشنيءَ ان شخص کي روشناس ڪري ٿي، جنهن جو رهبر ڪارڻي آهي، ۽ بخشش ۽ شفاعت به ان کي نصيب ٿئي ٿي، جنهن جو مرسل ۽ سردار محمدﷺ ڪارڻي آهي، ۽ انهن جي ئي سفارش ڪن ٿا. تنهن ڪري تون ٻين جي اطاعت ڇو ٿو ڪرين؟ تو کي ته محمدﷺ کي ڪارڻي ۽ رسول، دل سان مڃڻ گهرجي.(۴) اها هڪ حقيقت ۽ مسلمانن جو يقين ڪامل آهي ته ”ڪائنات جي محبوب هستي، محمد مصطفيٰ احمدِ مجتبيٰﷺ ، سموري ڪائنات جو ڪارڻي، خدا جي هيڪڙائي ۽ وحدانيت جي وائيءَ کي ڦهلائيندڙ، گنهگارن کي بخشائيندڙ، سلامتي ۽ رحمت رسائيندڙ، ڪائنات جي خلقت جو ڪارڻ آهي.

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي ڪارڻي لفظ بابت راءِ آهي ته: ڪارڻي، (سن) ڪارڻڪ، جو ڪنهن ڳالهه جو ڪارڻ يا سبب بنجي. ڪارڻي لفظ جون ٻيو به معنائون آهن، گماشتو، عام مختيار، وسيلو، بچائيندڙ، شفيع وغيره. حضرت محمدﷺ جن الله پاڪ جي وحدانيت کي پکيڙڻ جو ڪارڻ آهن. پاڻ ڪريم جن قيامت ۾ گنهگارن جي شفاعت جو ڪارڻ ٿيندا. انهيءَ ڪري کين ’ڪارڻي‘ ڪوٺيو وڃي ٿو.“(۵) شاهه لطيف ڪيترن ئي بيتن ۾ لفظ ڪارڻي بيان ڪيو آهي. شاهه لطيف سوچي سمجهي ان لفظ کي بيان نه ڪيو آهي، پران کي ڪنهن خاص مقصد بيان ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ٿو، جڏهن الله پاڪ جي وحدانيت تي ايمان آڻيندڙن کي هدايت ڪري ٿو، اتي انهن جي رهنمائي ڪندي ڪائنات جي ڪارڻيءَ تي ايمان آڻڻ جي هدايت به ڪري ٿو. جيئن هن بيت ۾ فرمائي ٿو ته:

وحده لاشريڪ لهُ، جن اُتو سين ايمان،
تن مڃيو محمد ڪارڻي، قلب ساڻ لسان،
اوءِ فائق ۾ فرمان، اوتڙ ڪنهن نه اَولئو.

(شاهواڻي غلام محمد، 'شاهه جو رسالو'، سُر ڪلياڻ. داستان ۱، بيت ۷، ۲۰۰۵ع، ص: ٦٧)

وَحدهُ لاشَريڪَ لَہ، جڏهن چَيو جَنِ،
تَنِ مَڃيو مُحمَّد ڪارَڻي، هيجان ساڻُ هِنيئَنِ،
تڏهن منجهان تَنِ، اَوَتَڙِ ڪونه اولِيو.

(شاهواڻي غلام محمد، 'شاهه جو رسالو'، سُر ڪلياڻ. داستان ۱، بيت ٦، ۲۰۰۵ع، ص: ٦٧)

جن انسانن، هڪ واري الله پاڪ جي هيڪڙائي ۽ وحدانيت تي ايمان آندو، ۽ حضرت محمدﷺ کي دل ۽ زبان سان ڪارڻي تسليم ڪيو، انهن وري ڪنهن ٻئي تڙ نهار نه ڪئي. "جي ٻئي در واجهائين، ته ڪيئي ڪانگن کي ڏيان"، يا "ڏٺي جن هيڪار صورت ساهڙ ڄام جي"، پوءِ "ٻيا در تن حرام"، اها ته سچي محبت آهي، اهو ئي ته سچو عشق آهي. شاهه لطيف، زندگي ۽ عشق جو شاعر آهي، لطيف جو رهبر عشق آهي. "عشق ساڻُ اُٺاءِ، پيير پريان جي پارَ ڏي"، "ترو تنهين بارُ عشق جنهين کي آڪرو"، "جن کي عشق جي اُساٽ سي واهڙيائين وترو". "عدد ناهي عشق پڇاٽي پاڻ لهي". شاهه لطيف، عشق جو انفرادي عالماڻو تصور ڏنو آهي، عشق، عالمگير ٻولي آهي. "نابودي نيئي عبد کي اعليٰ ڪيو"، هڪ سان هڪ ٿي وڃڻ ئي عشق جي منزل آهي.

شاهه لطيف ان هڪ سان هڪ ٿيڻ لاءِ پهريائين مرشد ڪامل کي ساڻ ڪڻڻ لاءِ رهبري ڪري ٿو، ته اهڙو سونهون ساڻ ڪڻ، جيڪو ان منزل تي رسائي پار پهچائي. اهو اَڙِيَن آڌار، مڙني جو شفادار، ڪائنات جو ڪارڻي، محبوبِ لطيف، مدني مصطفيٰ احمدِ مجتبيٰﷺ آهي. سليم ٻتو لطيفي ان راءِ جو آهي ته: "لفظ 'ڪارڻي' جي لغوي





معنيٰ آهي سبب پيدا ڪندڙ ۽ سبب بڻجندڙ. حضور ڪريمﷺ جن جي ذات بابرڪت، تخليق ڪائنات جو ڪارڻ يعني سبب آهن. جيئن الله تعاليٰ جو فرمان آهي ته: " لولاڪ لما خلقت افلاڪ و الارض" معنيٰ: " اي محبوب تون نه هجين ها ته زمين ۽ آسمان پيدا نه ڪريان ها". مطلب ته حضرت محمدﷺ جن جي ذات مقدس، زمين ۽ آسمان جي تخليق جو ڪارڻ آهن. الله تعاليٰ جو هڪ ٻيو فرمان آهي ته: "لولاڪ لما اظهرت الربوبيت" معنيٰ: "اي محبوب تون نه هجين ها ته مان پنهنجي ربوبيت جو اظهار نه ڪريان ها". مطلب ته هن فرمان جي روشنيءَ ۾ حضرت محمدﷺ الله تعاليٰ جي ربوبيت جي اظهار جا ڪارڻي آهن."(٦) سيني مومنن جي شفاعت جا ڪارڻ آهن. سر بلاول ۾ ته شاهه لطيف سندن واڪاڻ ۾ ڪيئي بيت ۽ وايون چوندي فرمائي ٿو:

شفاعت جا شفيع جي، تنهن ۾ ڦير هڏ ناهي،
مير محمد ڪارڻي، اَڙيا ڇوٽائي،

(شاهواڻي غلام محمد، 'شاهه جو رسالو'، سُر بلاول، داستان ۲، وائي، ۲۰۰۵ع، ص: ۹۰۲)

شفاعت شفيع جي عظيم، عام ۽ ڪبريٰ آهي. جنهن ڪري دوزخي به جنت جو ماڳ ماڻيندا. هڪ حديث ۾ آهي ته: "منهنجي شفاعت، وڏن گنهگارن جي لاءِ آهي."

رب هب لي جو مطلب آهي "اي منهنجا پالڻهار، مون کي منهنجي اُمت بخش فرماءِ، يعني منهنجي امت جا گناهه معاف فرمائج. ۽ پاڻ يقيناً پنهنجي امت کي سمورا اوکا اڙانگا لڪ لنگهائي پار پهچائيندا. آمين.

لاتائين لطيف چئي، عالمَ تان اهڪ.(۷)

شاهه لطيف، پاڻ سڳورنﷺ جو سچو ۽ پڪو عاشق هو. ان جي فلسفي مطابق ڪريم تي ڪلمو، دل ۽ زبان سان پڙهڻ سان ئي مسلماني ۽ ايمان جي اظهار سان نصيب ٿئي ٿو. قرآن ڪريم ۾ پڻ پاڻ ڪريم جن کي الله تعاليٰ مومنن جي شفاعت گهرڻ جي اجازت ڏني آهي، سورت الممتحنہ آيت ۱۲، پاره ۲۸، ترجمو:" (اي محمد) ۽ انهن لاءِ الله کان بخشش گهر ڇو ته الله بخشڻهار مهربان آهي". ان لاءِ پاڻ ڪريم جن الله پاڪ کان پنهنجي سموري امت جي لاءِ شفاعت جي دعا گهري آهي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## لفظ محمد :

جيئن مٿي ڄاڻايو ويو آهي، تہ شاھ لطيف پنهنجي محبوب ڪي ڪيترن ئي مختلف نالن سان بيتن ۾ بيان ڪيو آهي. جھڙي طرح الله پاڪ جا نوانوي (٩٩) نالا آهن، اهڙي طرح سندس محبوب جا پڻ نوانوي (٩٩) نالا آهن. شاھ لطيف، لفظ ”محمد“ ﷺ، يارهن (١١) سرن ۾ ٽيويھ (٢٣) ڀيرا استعمال ڪيو آهي. مثال طور: (١) سر ڪلياڻ جي داستان پھرين جي پنجن بيتن ۾ لفظ ’محمد‘ وڏي محبت سان بيان ڪيو آهي، (٢) سريراڳ جي ٽن بيتن ۾، لفظ ’محمد‘ بيان ڪيل آهي،”جيڏانهن مُنهن مديني جو، سُڄي مُحمّدُ موچارُ“ ۽ ”چئو ڪلمو مُحمدَ تي، تہ اڱيان اَچيئي اوجَ“، (٣) سرسارنگ جي هڪ بيت ۽ هڪ وائيءَ ۾، لفظ ’محمد‘ آندو آهي: ”تون مڃ محمد ڪارڻي، جو عالم جو انيڪ“، ۽ ”ميڙو ٿيندو مومنين اُت مُحمّدُ مِيرُ مَلَهِيندو“، (٤) سرسسئي آبري ۾، لفظ ”محمد“ هڪ وائيءَ ۾ هيئن بيان ٿيل آهي: ”الله هيڪُ، مُحمّدُ بَرحقُ، شال ڇُٽان مان حرفَ اِهيئي“، (٥) سر برووسنڌي ۾، لفظ ’محمد‘، هڪ وائيءَ ۾ مدد جي لاءِ هن طرح بيان ٿيل آهي: ”رَسِج مُحمّدَ ڪارڻي، جتي هُونگ نہ هُون“، (٦) سر ڪيڏاري جي چئن بيتن ۾، لفظ ”محمد“، بيان ٿيل آهي: ”نڪريو نهارين، چڙهُ، مير مُحمدَ عربي“ ۽ ”ميڙي ۾ محمد جي، مَرُ مرڪي ماس“، (٧) سرپورب ۾ لفظ ”محمد“ هڪ وائيءَ ۾ پڻ آيو آهي: ”آهيون الف آسري، مُحمّدُ مَجيوسُون“، (٨) سر ڏهر جي ٻن بيتن ۾، لفظ ”محمد“ ملي ٿو، ”جتي ماڻڪي محمد مير جي، جھرِڪيو جوتِ ڪري“،۽ ”ڪڄ محمد موٺ، عاصي تنهنجي آسري“، (٩) سررام ڪليءَ جي ٻن بيتن ۾، لفظ ”محمد“ ملي ٿو، ”ريءَ محمد ڄام، ڪم نہ ايندو ڪو ٻيو“، (١٠) سربلاول جي پڻ ٻن واين ۾، محبوبِ لطيف جو نالو ”محمد“ ملي ٿو: ”ميرُ محمدُ ڪارڻي، اڙيا ڇوٽائي“، ۽ ”نور ناڪارو نہ ڪري، مُحمدُ منٿَ مَجِيدو“، (١١) سر سورٺ ۾ تہ لفظ محمد سان گڏ، پورو ڪلمہ طيب شريف بيت جي اڌ پد ۾ ملي ٿو.

لاالٰہ الاالله محمد رسُولُ اللهِ، رڪيائين تَندُن مَنجهِ تَنَوارَ.

## لفظ احمد :

اسم پاڪ، عربيءَ احمد محبوبِ لطيف ڇهن سرن ۾ بيان ڪيل آهي. (١) سُر يمن ڪلياڻ ۾، ناءُ احمد هن طرح نظر اچي ٿو:”احد، اَحمدُ پاڻ ۾، وچان ميمُ فرقُ“،





(٢) سُر برؤو سنڌي جي وائيءَ ۾، اسم احمد ڪي مدد لاءِ پڪاريندي چئي ٿو: ”اَهُڪيءَ رسج اَحمدا اڳيان سوڙهي پُون“، (٣) سرسارنگ ۾ لفظ احمد، هن طرح بيان ڪري ٿو: ”اُمَتَ ڪارَڻِ اَحمدُ اُتِ، پرملُ پاڪُ پنندو“. اهڙيءَ طرح شاھ لطيف، پنهنجي محبوب جي ٻئي نالي ’احمد‘ ڪي پڻ وڏي محبت ۽ شان سان بيان ڪيو آهي. وري جيڪڏهن لفظ نالي مصطفيٰ ڪي ڏسندا تہ ان ڪي بہ لطيف ڪيترن ئي بيتن ۾ بيان ڪيو آهي، ڪٿي پنهنجي مدد لاءِ ٿو پڪاري، تہ ڪٿي آخرت جي شفاعت واري وقت ڪي ياد ڪري بيتن ۾ بيان ڪري ٿو.

## لفظ مصطفيٰ:

شاھ لطيف، پنهنجي محبوب مرسل ڪي، پيارن نالن سان سڏيندي، لفظ مصطفيٰ جي نالي ڪي ٽن سرن ۾ بيان ڪيو آهي. (١) سر ڪيڏاري جي هڪ وائيءَ ۾ لفظ مصطفيٰ ڪي هيئن لکيو آهي:”سج چند، مصطفيٰ ڏي، يڪدل گڏي هليا“، (٢) سربرووسنڌيءَ جي هڪ وائيءَ ۾ بہ لفظ مصطفيٰ هن طرح ٻڌائيندي، چوي ٿو تہ شفاعت جي ڏينهن عام ماڻهو سندن پويان هوندا: ”مهند ٿيندو مصطفيٰ پٺيءَ لوڪ لڏيندو“، (٣) سرمومل راڻي ۾ پڻ نالو محمد ۽ مصطفيٰ ٻئي گڏ بيان ڪري ٿو: ”چڙهيو محمدُ مصطفيٰ، دوست دم دمي“. انهن نالن ڪان سواءِ رسول ۽ نبي جي نالن سان پڻ سڏي ٿو.

## لفظ رسول ۽ روضي پاڪ:

الله پاڪ، حضورﷺ جن ڪي نبي ۽ رسول ڪري موڪليو. پيغمبر تہ دنيا ۾ سوا لک آيا آهن. انهن ۾ چئن ڪي رسالت ۽ نبوت ٻئي مليون آهن. رسول ان ڪي چيو وڃي ٿو جنهن ڪي شريعت ۽ ڪتاب ڏنو ويو هجي. حضرت محمد مصطفيٰﷺ ڪي شريعت، رسالت ۽ ڪتاب، قرآن مجيد مليو، جنهن مان شاھ لطيف ڪيترن ئي بيتن ۾، آيتن ڪي استعمال ڪيو آهي. شاھ لطيف، رسول ۽ روضي جو ذڪر بہ بيتن ۾ ڪيو آهي. پاڻ حضور جن جي روضي مبارڪ ڪي سائو رنگ پھريون ڀيرو، سلطان محمود خان جي حڪم تي ١٢٥٠ھ، ١٨٣٤ع ۾ ڪيو ويو. ان ڪان پوءِ گنبذِ خضريٰ سڏجڻ لڳو. (١) سر سارنگ جي چئن بيتن ۾ ذڪر ڪندي شاھ لطيف چئي ٿو تہ:”روضي پاڪ رسول جي، پلٽيون پٽ پري، ۽ ”روضي تان رسول جي، ڪِيو وِڄُڙِنِ وارو،“



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

(٢) سرڪيڏارو ۾ ٻه پيرا شاهه لطيف ڪجهه هن ريت ذڪر ڪيو آهي: ”روضي پاس رسول جي، تنهن هلي هاڪ هنئي“، ۽ ” روضي پاڪ رسول جي، هَنيائين هاڪارو“. اهڙيءَ طرح رسالي ۾ ڪل اٺ ٨ پيرا اهڙو ذڪر بيتن ۾ ملي ٿو. جڏهن ته رسول لفظ، سڀ کان وڌيڪ سر ڪيڏاري ۽ سر سارنگ ۾ بيان ڪيل آهي.

## لفظ نبي:

حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن کي نبوت چاليهن سالن جي عمر ۾ ١٢ فيبروري ٦١٠ع تي عطا ٿي. پاڻ سڳورا جڏهن غارِ حرا ۾ عبادت ڪري رهيا هئا، تڏهن الله پاڪ لفظ ’اقره‘ سان ڪين نبوت جي خوشخبري ڏني. شاهه لطيف، پنهنجي رسالي جي مختلف پنجن سرن جي بيتن ۾ لفظ نبي بيان ڪيو آهي.(١) سر سريراڳ جي هڪ بيت ۾ لفظ نبي هن طرح چئي ٿو: ”نَذَرُ نبيءَ ڄامَ جو، چڙهندي چيائون“.(٢) سُر ڪيڏارو ۾ لفظ نبي ۽ رسول هن طرح بيان ڪري ٿو: ” مان راضي ٿئي رسول رب جو، نبي تو نانو“. (٣) سر بلاول جي هڪ وائيءَ ۾ لفظ نبيءَ بابت هيئن بيان ڪري ٿو: ”ڄِئان نَبِي نِڱِيو پَري مُبارَڪَ پيرَ“. سر مارئي ۽ رامڪليءَ ۾ پڻ لفظ نبي ملي ٿو.

## رحمت اللعالمين:

شاهه لطيف، سر بلاول جي هڪ وائيءَ ۾ ان ”هادي، هاشميءَ جي لاءِ الله سائين، قرآن پاڪ جي سورت الانبياء جي هڪ آيت ۾ فرمايو آهي ته: ”وما ارسلناڪ الا رحمت العالمين“، يعني ”۽ اسان اوهان کي جملي جهانن لاءِ رحمت ڪري اماڻيو آهي“. سموري عالمن جي لاءِ رحمت، جنهن ۾ سيئي آسمان ۽ ڌرتي، ملائڪ، نبي، انسان، جن ۽ ڪائنات جي هر ذري جي هر شئي لاءِ رحمت ئي رحمت، برڪت ئي برڪت آهن. الله پاڪ جي ان ارشاد ڪيل آيت جي تضمين ڪندي، هڪ حصي کي لطيف سر بلاول جي پڇاڙيءَ واري هڪ وائيءَ ۾ هن طرح بيان ڪيو آهي:

رَحمَتُ لِلعَالَمِينَ، اَهُڪيءَ آڳُهُ ٿيندو.(٨)

## ولادت:

حضور ﷺ جن جي ولادت سومر ڏينهن، ١٢ ربيع الاول، ٢٢ اپريل ٥٧١ع،





مڪي جي قريش خاندان ۾، حضرت عبدالمطلب جي گهر ٿي، جيڪو سندن ڏاڏو هو. ان جي پيشانيءَ ۾ نورِ محمد موجود هو، جنهن کي ڏسي هاٿين ڪيس سجدو ڪيو هو. ان تاريخي معجزن کي شاهه لطيف، سر سارنگ جي وائيءَ ۾ هن طرح بيان ڪيو آهي:

سجدو فِيلَ فِي الحالُ ڪيو، پَسِي مُطَلب نُورُ نِراڙَ،
ڄاپَڻَ وَقتِ ڄامَ جي، ڪريا ڪُنگِرا ڪوٽ ڪُفارَ،
اڪيون ميگهه ملهار، صورت تنهنجي سڀُ جَڳُ موهيو،

(شاهواڻي غلام محمد، ’شاهه جو رسالو‘، سُر سارنگ، داستان: ٣، ٢٠٠٥ع، ص: ٧٩)

شاهه لطيف پنهنجي پياري محبوب ڪريم جي ڄمڻ وقت جيڪي معجزا ٿيا هئا، انهن جي پڻ ڳالهه ڪئي آهي. پاڻ سڳورن جي هن دنيا ۾ اچڻ سان ڪافر ڪسرا جي ڪوٽ جا ڪنگرا ڪري پيا، آتش فشان جيڪو صدين کان ٻرندڙ هو، اهو به وسامي ويو. سالن کان دنيا ۾ ڏڪار واري حالت هئي، محبوب جي اچڻ سان گهٽي برسات پئي، ڏيهه تان ڏڪار لهي پيو: ”لاٿي سڀ لوڪ تان، هاڙي ڏٺي هور“، ”آيو سو اتور جنهن ڏکيون ڏک ويهاريون“، ”جاني آيو جوءِ ۾، ٿيو قلب قرار“، ”ويٺي جن جي وٽ ۾، ڪوڙين ٿيا قرار“، ”برو هو پنپور اچي آرياڻي اجاريو“. اهي سڀ اهڃاڻ شاهه لطيف پنهنجي پرين پرور جي اچڻ سان جيڪي انقلاب آيا انهن جو ذڪر ڪندي سندس شان بيان ڪيو آهي. پنهنجي محبوب جي واڪاڻ ڪندي دنيا ۾ ان جي پهرين نظر ۽ نهار کي لطيف هن طرح بيان ڪيو آهي.

ڪٽي نيڻ خمار مان، جان ڪيائون ناز نظر،
سورج شاخون جهڪيون، ڪوماڻو قمر،
تارا ڪتيون تائب ٿيا، ديکيندي دلبر،
جهڪو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سين.

(شاهواڻي غلام محمد، ’شاهه جو رسالو‘، سُر ڪنيات، داستان ١، بيت ١٨، ٢٠٠٥ع، ص: ١٣٥)

ڪل ڪائنات، محبوبِ خدا جي حسن تي حيران آهي. حيران ٿيڻ هڪ فطري عمل آهي، جو خدا پنهنجي نور مان محبوب کي تخليق ڪيو. ان جي نور مان ڪل ڪائنات کي خوب خلق ڪيو. جيڪڏهن ڏسجي ته لطيف، محبوب جي ساراهه ۾ هڪ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

منفرد انداز اختيار ڪيو آهي، جيڪو دنيا جي ڪنهن ٻئي شاعر وٽ ڏکيائيءَ سان ملندو. محبوب جي هر انداز جي اهڙي منظر ڪشي ڪو مصور ئي ڪري سگهي ٿو. شاهه لطيف، فطرت جو مصور شاعر ته آهي، پر شاهه لطيف هڪ اعليٰ مصور ۽ فنڪار شاعر آهي، جنهن پنهنجي شاعريءَ ۾، موسيقي ۽ رنگن جو استعمال ائين ڪيو آهي جو ان ڪري ڪيس عظيم شاعر سڏڻ ۾ ڪو به وڌاءُ نه آهي. شاهه لطيف، محبوب جي پيشاني جي واکاڻ هن طرح ڪئي آهي.

پيشانيءَ ۾ پرينءَ جي ، ٻلائيءَ جا پير،
اڳڻ اکنڊين جي ، ڏئي پاٻوهي پير،
قمر پاڙي ڪير ، شمس سپرين سين.

(شاهواڻي غلام محمد، 'شاهه جو رسالو'، سُرڪنيات، داستان ١، بيت ٢، ٢٠٠٥ع، ص: ١٣١)

شاهه لطيف پنهنجي محبوب جو مٽ، ڪنهن کي به نه ٿو ڪري، ان جي ڪنهن سان تشبيهه ڪرڻ شرڪ ٿو سمجهي، تڏهن ته چنڊ سان مخاطب ٿي ڪيس چوي ٿو ته:

چنڊ! چُئين سچ، جي مَني نه پائيين،
ڪَڏهن اُپرين سنهڙو، ڪڏهن اُپرين ڳچُ،
منهن ۾ ٻري ئي مچُ، تو ۾ ناهِ پيشاني پرينءَ جي.

(شاهواڻي غلام محمد، 'شاهه جو رسالو'، سُرڪنيات، داستان ١، بيت ١٧، ٢٠٠٥ع، ص: ١٣٤)

دنيا جي هر شاعر وٽ پنهنجي محبوب جي پيشانيءَ کي چنڊ سان تشبيهه ڏيڻ جي روايت ملندي، پر شاهه لطيف جهڙو منفرد شاعر چنڊ جي ذات کي للڪار ڪري چئي ٿو ته:

چنڊ! چئين حقُ، جي وڙهين جي وڃرين،
ٻه اکيون ٽيو نڪُ، تو ۾ ناهه پرين جيهو.

(شاهواڻي غلام محمد، 'شاهه جو رسالو'، سُرڪنيات، داستان١، بيت ٢١، ٢٠٠٥ع، ص: ١٣٤)

چنڊ! تنهنجي ذات پاڙيان نه پرين سين،
تون اڃو ۾ رات ، سڄڻ نت سوجهرو.

(شاهواڻي غلام محمد، 'شاهه جو رسالو'، سُرڪنيات، داستان ١، بيت ١٣، ٢٠٠٥ع، ص: ١٣٤)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair





شاهه لطيف پنهنجي محبوب جي شان ۾ شرڪ نه ٿو ڪري، بلڪ محبوب کي ڪائنات جي هر شيءِ کان مٿانهون سمجهي ٿو. چنڊ جي روشني مستقل نه هوندي آهي، پر شاهه لطيف جي محبوب جي روشني ڪل ڪائنات جي تخليق جو ڪارڻ آهي. هميشه کان هئي، آهي ۽ هميشه رهندي، ان جي سونهن جو ڪو مٽ ثاني نه آهي.

تهڙو ڪينجهر ۾ ڪين ٿيو، جهڙي سونهن سنڌياس !

اها هڪ حقيقت آهي ته شاهه لطيف محبوب جي حسن کي شاعريءَ جو تاجي پيتو ٻڌايو آهي. سموري ڪلام ۾ ڪلامُ ئي محبوب سان ڪيل اٿس. ساراهه ئي سپرينءَ جي سمجهائي اٿس. سليم پيتو لطيفيءَ جو پڻ اهڙو خيال آهي ته: "محبوب جي حقيقت وصف ۽ صورت جو تفصيل ۽ ادراڪ ئي شاهه لطيف جي شاعريءَ جو تاجي پيتو آهي. محبوب جو مڪمل حسن ڪامل جو اظهار ته ڏاڍو ڏکيو آهي، ڇاڪاڻ ته محبوب جو جمال جي ظهور ۾ اچي ته اک جي ادراڪ ۽ سوچ جي سرحد کان وسيع آهي. شاهه لطيف به پنهنجي محبوب جي اظهار حسن لاءِ ڪي تشبيهون ۽ استعارا استعمال ڪيا آهن. جيڪي صرف سمجهائڻ لاءِ آهن. ڇاڪاڻ ته پوري مخلوق ۾ ڪا به شيءِ محبوب جي صفات جي مثل نه آهي. شاهه لطيف جو لطيف محبوب، لطيف جذبن سان سنڌس لطيف ٻوليءَ ۾ته، منهنجو محبوب سان روح جو رشتو آهي، سچي ۽ چيڙهي چاهت آهي. محبوب جي پل جي پيار ۾ به صدين جي سڪ ۽ پيڙهين جي پريت سمايل آهي. هي ليک آهي يا لکيو نه پر لکن کان لائق آهي. سو "هلڻ منهن جو هوت ڏي!" سچ پچ ته ساجن مڙنئان مٿانهون آهي، سينئان سهڻو آهي، سيبتو ۽ سلڇڻو آهي."(٩) جنهن کي شاهه لطيف هينئن بيان ڪري ٿو ته:

سهسين سجن ايري، چوراسي چنڊن،
باالله ري پرين ، سڀ اونداهي پانئيان.

(شاهواڻي غلام محمد، 'شاهه جو رسالو'، سُرڪنيات، داستان ١، بيت ١٢، ٢٠٠٥ع، ص: ١٣٣)

شاهه لطيف محبوب کان سواءِ ڪائنات ۾ ڪل اونداهي سمجهي ٿو، شاهه لطيف جو محبوب ئي ڪائنات جي خلقت جو ڪارڻ آهي، ان سان ئي جهانن ۾ روشني آهي رحمت جي، الله پاڪ ڪيس رحمت العالمين يعني جملي جهانن لاءِ ڪري موڪليو آهي. ان جي رهاڻ کي شاهه لطيف ماڪيءَ کان به مٺو سمجهي ٿو.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ماڪيان متا سپرين، مٺي روح رهاڻ،
مٺي اک محبوب جي، هڏ نه پيچي هاڻ،
پائي پلئه پائيان، پرين جا پيغام،
لهي ڪين لطيف چئي، هي سک سلامن ساڻ،
جيسين نه وجي پاڻ، نينهن نياپوئي نه ٿئي.

شاهه لطيف محبوب جي هاڪ هنڌين ماڳين ٻڌي ٿو، هن لاءِ چئي ٿو: ”چوڏس چنيسر چار جو، ڏيهان ڏيهه ڏهڪار“، ”جي هِت جي هُت، ته ڳالهه مڙيائي هيڪڙي“، ”راڻوءَ راڻو ري، راڻي ٻيو ناهه ڪو“. شاهه لطيف وٽ محبوب جي سڪڻي تعريف جا طول يا پل ٻڌل ڪونه آهي، پر سندس محبوب ته مٽياندار آهي.”منهنجو محبوب پاڻ ته فڪر ۽ فقيري جي ڦرهي پڙهيل پر سخي ايڏو جو وتي ٿو بادشاهيون بخشيندو، سُپت پريو سپرين وتي ٿو پاڳ ونڊيندو. منهنجو ته ساهه ٻه سندن وٽ سامر رکيل آهي. ڪن ته منهنجي محبوب کي ڏوري ڏنو آهي پر ڪن وٽ ته پاڻ پيهي آيو آهي“(١٠). اهو ڪامل قربدار اڙين جو آڌار، پاڻ ڪريم ڪي رب ڪريم ڪين قرآن ڪريم ۾ هڪ روشن ڏيئو سڏيو آهي،جنهن جي روشني ۽ نور سان ڪائنات کي روشني ۽ سونهن بخشي اٿس. سورت احزاب، آيت ٥٣ ۽ ٦٤، پاروه ٢٢، هن طرح صفتن جو ذڪر ڪيو آهي، هتي ترجمو ڏجي ٿو:

ترجمو:” اي نبي صلي الله عليه وسلم، اسان تو کي شاهدي ڏيڻ وارو، خوشخبري ٻڌائڻ وارو ۽ ڊيڄارڻ وارو ڪري موڪليو ۽ الله ڏانهن سڏڻ وارو روشن (چراغ) ڏيئو“. ان ڏيئي جي روشني دنيا ۾ پکڙجي وئي، جنهن سان سڀ چٽو ۽ واضح نظر اچي ٿو. تڏهن ته شاهه لطيف چئي ڏنو ته:

مِتي اِن مُرسَلَ ، اصل هئي ايتري.
(سُر بلاول)

## محبوب جو معراج:

شاهه لطيف پنهنجي ڪلام ۾ محبوبِ خدا کي پنهنجو محبوب بنايو آهي، جنهن ڪري سندن هر صفت کي صاف صاف بيان ڪري ٿو. سندن معراج جي واقعي کي پنجن سرن ۾ سمجهايو آهي: (١) سر ڪنيات، (٢) سرسارنگ، (٣) سُر مومل راڻو، (٤) سر سورٺ ۽ (٥) سر بلاول. شاهه لطيف پنهنجي محبوب ۽ محبوبِ خدا جي ان دلڪش





ملاقات جي منظر جو ظاهري ذڪر ۽ زمين کان عرش عظيم ڏانهن اُسرڻ واري انداز کي، سر مومل راڻي ۽ سر سورٺ ۾ڪليل لفظن ۾ بيان ڪيو آهي. ڪائنات جي خالق، پنهنجي محبوب ڪائنات جي ڪارڻيءَ کي ملاقات لاءِ معراج تي، ٢٢ مارچ ٦٢١ع تي، ستن آسمانن جو سير ڪرايو. شاهه لطيف، سر مومل راڻي ۾ ان سفر جي تفصيل هن طرح بيان ڪئي آهي.

ڪاڪئان قاصد آيو، راڻي پاس رمي،
چڙهيو محمد مصطفيٰ ، دوست دم دمي،
اڳيان خوف نه خطرو، نڪو غم غمي،
ڪو نه ٻيو ڪرمي ، جيڏو توجهان ۾.

اهڙي طرح معراج واري ملاقات جو ذڪر سر سورٺ ۾ پڻ هن طرح ملي ٿو. جنهن چوڏيل تي چڙهي محبوب مدني کي آگي اپن جو سير ڪرايو.

آءَ متانهون مڱڻا ، چڙهي ۾ چوڏول،
توکي گهوٽ گهرايو، راجا منجهه رتول،

*******

راز ڪيائين راوَ سين ، موچاري مَهَلَ،
”انا احمد بلا ميم“ ، سئن هنئي سائل،
ڪئه ڪئه پيئي ڪل ، ته هر دوئي هيڪ ٿيا.

(شاهواڻي غلام محمد، ’شاهه جو رسالو‘، سُر سورٺ: داستان ٢، بيت: ٨، ٢٠٠٥ع، ص: ٦٤٣)

شاهه لطيف جي رسالي جي سر سورٺ جي ٻئي ۽ ٽئين سرن کي ڊاڪٽر بلوچ، مدني مرسل جي معراج سان منسوب ڪيو آهي. محمد حسين ڪاشف جو خيال پڻ ائين آهي، ته ”نبي ڪريم ﷺ جن جي معراج واري واقعي جو بيان هن سُر ۾ نهايت چٽو ۽ صراحت سان موجود آهي. لطيف سرڪار جا اهي بيت، قرآن ۽ حديث ۾ بيان ڪيل معراج واري واقعي جو ورجاءُ آهن، يا ائين چئجي ته ان جي تفسير آهن. خدا جي اولالعزم ۽ اعليٰ مقام واري پيغمبر سان ملاقات، ربيءَ جي حقيقت کي هن عظيم شاعر، جنهن احترام ۽ وقار سان بيان ڪيو آهي، اهو وڏي شان وارو آهي، جيڪو لفظن جي بندش ۾ نور نبويءَ جي سمايل تصور جي وڏي جهلڪ پيش ڪري ٿو. سلام آهي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

لطيف تي ۽ سندس انهيءَ ڪلام تي، جنهن ۾ هن پنهنجي آفاقي ۽ شاعرانه ڪلام جو مظاهرو ڪيو آهي."[11] سر بلاول ۾ به شاهه لطيف محبوب جي معراج جو وڏي محبت ۽ مان سان ذڪرڪيو آهي. هڪ بيت ۾ "سمي جي سُهاڳ جي، ڪنهين نه پئي ڪَلَ"، "۾ رَسولُ الله ﷺ جن جي، جاڳندي حالت ۾، جسم سان معراج ماڻڻ ڏانهن اشارو ڪيل آهي، جنهن کي "سَمي جو سُهاڳ" سڏيو ويو آهي. انهيءَ مديني جي گهوٽ جن جي جسماني معراج ۽ امام الانبياءِ جن جي عُروج جي وڌيڪ وضاحت هِن ريت ڪئي وئي آهي"[12]:

جڪري جِهو جوانُ، ڏسان ڪونه ڏيهه ۾،
مُهڙُ مڙني مُرسَلين، سَرسُ سندس شانُ،
"فَڪَانَ قَابَ قَوسَينِ اَواَدنيٰ"، اِيُ مُيسرُ تيس مَڪانُ،
اِي آگي جو احسانُ، جنهن هادي ميڙيُم هھڙو.

(شاهواڻي غلام محمد، 'شاهه جو رسالو'، سُر بلاول، داستان۲، بيت ۱۰، ۲۰۰۵ع، ص: ۹۰۰)

شاهه لطيف، هن بيت ۾ محبوب جي ملاقات جو ذڪر ڪندي انهن جي قرب ويجهڙائيءَ جي واکاڻ ڪئي آهي، ان آيت جو ترجمو: "پوءِ ٻن ڪمانن جي برابر جو فاصلو رهيو بلڪ ان کان به گهٽ"، (سورت النجم/سيپارو۲۷/ رڪوع پهريون، آيت۹). هن هڪ آيت جي حصي کي تضمين فرمائي آهي، جنهن ۾ محبوب جي محبت، قرب ۽ جو اظهار وڏي شان سان ڪيو آهي. ان محبوب جي مقام ۽ عزت تي الله تعاليٰ جو احسان مڃي ٿو، ته ان هادي ههڙو رهبر اسان کي عنايت ڪيو آهي. جيڪا بيت جي آخري سٽ کي ڇڙ ته تفسير ڪيو آهي، قرآن پاڪ جي سورت آل عمران جي هڪ آيت جو، هتي ان آيت جو ترجمو ڏجي ٿو: "تحقيق الله تعاليٰ، مومنن تي عظيم احسان ڪيو آهي، جڏهن ته انهن ۾ سندن ئي قوم مان هڪ رسول موڪليائين. جيڪو کين سندس آيتون پڙهي ٻڌائيندو آهي ۽ کين پاڪ ڪندو آهي ۽ کين ڪتاب يعني قرآن مجيد، ۽ حڪمت سيکاريندو رهندو آهي. ۽ تحقيق هن کان اڳ ۾ پڌريءَ گمراهيءَ ۾ مبتلا هئا". شاهه لطيف ان آيت جو تفسير ڪندي الله پاڪ جا احسان مڃا آهن.

## محبوب کي مدد لاءِ پڪار:

شاهه لطيف، محبوب مدنيءَ کي مدد لاءِ ڪيترن ئي بيتن ۾ پڪار ڪئي آهي.





پنهنجي سڏن کي سڻڻ جي التجا ڪئي آهي. سرڏهر جي داستان ٻئي ۾، ڇهن (٦) بيتن ۾، "مديني جا مير، سُڻُ مُنهنجا سَڏڙا"، هڪ بيت جي سٽ کي ور ور ورجائيندي، پنهنجي ڪيفيت کي بيان ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح جڏهن سندس سڏڙا قبول پون ٿا ۽ "آيا آس ٿيام.."، شاهه لطيف جي پنهنجي آس جڏهن پوري ٿئي ٿي. "مون کي سڪ، سيد ڇئي، آهي مديني موچار"، تڏهن ٻين کي سجاڳ ڪندي صلاح ٿو ڏئي ته:

ڇا کي وڃيو ڇو ٻيلي ٿئين ٻين جو،
وٺ ڪنجڪ ڪريم جي جڳ جو والي جو،
سوڪو هوندو سو، جنهن جو عشق الله سين.

(شاهواڻي غلام محمد، 'شاهه جو رسالو'، سُر برؤو سنڌي، داستان ۱، بيت ۱، ۲۰۰۵ع، ص: ۱٦۱)

اهڙيءَ ريت آخرت جي شفاعت جي لاءِ پڻ شاهه لطيف مدد گهري ٿو، نه صرف پنهنجي لاءِ پر پوري امت جي سار لهڻ لاءِ مدد جو طالب آهي. شاهه لطيف پنهنجي محبوب کي شفاعت جو ڪارٽي ڪوٺيندي، سڏ ڪري پارت ڪري ٿو. ان مان شاهه لطيف جي عاجزي ۽ نهٺائيءَ جي خبر پوي ٿي. سريمن ڪلياڻ جي وائيءَ ۾ فرمائي ٿو ته: "ڪرم ڪريمن جي، مون کي اَهُڪي مان اُڪاريو". سُر برؤو سنڌيءَ جي بيت ۾ وري هينئن چوي ٿو: "آءُ، عالم جا سردارَ! واري واڳ ولهيءَ تي". سُر سريراڳ ۾چوي ٿو: "جن جي سيدَ لَڄَ ڪَنئين، سي سڀ لنگهندا لَڪيون". سُر بلاول جي هڪ وائي آهي، جيڪا رسالي جي آخر ۾اچي ٿي، ان ۾شاهه لطيف وڏي اميد سان پنهنجي دل جي ڳالهه ڪري ٿو، ته قيامت جي ڏينهن گنهگارن جي بخشش جو بار ڪٽندو، اڙيل کي اگهائيندو.

ڏوهارين ڏاڪڙا، سي لڪ لنگهائيندو،
تنبو آٽي تاءِ ۾، عاصين ڪاڻِ اڏيندو،
داتا دوزخين تان، لکيو لَهرائيندو،
اُتي عبداللطيف چئي، هادي هٿ جهلندو.

(شاهواڻي غلام محمد، 'شاهه جو رسالو'، سُر بلاول، داستان۴، وائي، ۲۰۰۵ع، ص: ۹۰۹ )

اهڙو ئي ذڪر ٻيءَ هڪ وائيءَ ۾ ڪندي، شاهه لطيف پنهنجي محبوب جي شفاعت جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ته:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شفاعت جا شفيع جي، تنهن ۾ ڦيرَ ھڏ نہ آھي،
مير مُحَمدُ ڪارڻي ، اَڙيَا چوٽائي،

شاھ لطيف، محبوب جي ھڪ حديث ڪي بيان ڪندي چوي ٿو، تہ منهنجي محبوب جي زبان تي هميشہ الله پاڪ کان اها دعا هئي تہ: ”اي منهنجا پالڻهار، مون کي منهنجي امت بخش فرماءِ، يعني منهنجي امت جا گناھ معاف فرماءِ. ان ڪري ھڪ بيت جي سٽ ۾ پوري عالم تان اهُڪي جي لهڻ جي ڳالھ ڪري ٿو: ”لاٿائين لطيف چئي، عالَمَ تان اهڪ“. ان ڪريم جي ڪرم نوازيءَ جي سخاوت لاءِ شاھ لطيف فرمائي ٿو تہ:

پاندپ سين نہ پاڙيان ، سوين ٻيا سردار،
آهي مِثل مينهن جي ، سَخي تنهنجي سارَ،
حَاتِم هَڙده هَزار ، جھُڙ تنهن جي جهپيا.

(شاهواڻي غلام محمد، ’شاھ جو رسالو‘ ، سُر بلاول، داستان٣، بيت ٥، ٢٠٠٥ع، ص: ٩٠٢)

جڪرو جَسَ ڪرو ، ٻيا مِڙئي مَلَ،
مِٺي اِن مُرسَلَ ، اصل هئي ايتري.

(شاهواڻي غلام محمد، ’شاھ جو رسالو‘ ، سُر بلاول، داستان٢، بيت ٣، ٢٠٠٥ع، ص: ٨٩٨)

## نتيجا :

شاھ لطيف، سموري ڪلام ۾ پنهنجي محبوب جي شان ڪي وڏي پيار، عاجزي ۽ عزت سان بيان ڪيو آھي. اهڙي ڪامل قربدار جي قربت، سڪ ۽ محبت سندس هر بيت ۾ واضح نظر اچي ٿي. شاھ لطيف، محبوبِ خدا ڪي محبوب بنايو، ان ڪامل ڪريم جي در اچڻ ۽ مٿس ڪلمو پڙهڻ جي سجاڳي ڏئي ٿو. شاھ لطيف، محبوب جي سخاوت جو ذڪر ڪندي، ان لاءِ ”ٻئي دَرِ ڪَنهين مَ وَڃُ ، رِيءَ هاشميءَ هيڪَڙي“. ان ڳالھ مان ثابت ٿئي ٿو تہ الله پاڪ جنهن ڪي ڪائنات جو ڪارڻي ڪري موڪليو، ان جي محبت ئي اصل خدا تائين پهچائي ٿي. ان جي ٻاجهاري شخصيت ئي اڙيلن ڪي پار پچائي ٿي. ان جهڙو ڪو جهان ۾ ڪو ٻيو پيدا نہ ٿيو آهي نہ ٿيندو، جنهن لاءِ شاھ لطيف جو چوڻ آهي تہ:





جڪري جِهو جوانُ، ڏسان ڪونہ ڏيھ ۾،
مُهڙُ مڙني مُرسلينِ، سرسَ سندس شانُ،
اي آڳي جو اِحسانُ، جنهن هادي ميڙيُمِ ههڙو.

## حوالا

١. نبهاني يوسف علامہ، ’انوار محمديہ‘، ’ترڪي استنبول‘، جلد اول، ١٩٧٧ع، ص: ٩. (بحوالا: مولانا عبداللطيف سڪندري، ’حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام ۾ حقيقت محمديءَ جو ذڪر‘، مرتب: ’ شاھ لطيف: ھڪ تحرڪ، ھڪ تحريڪ‘، حيدرآباد: ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاھ، ٢٠٠٢ع، ص ٢١٥.)

٢. سرهندي فاروقي، عبدالوحيد جان، علامہ، (ترجمو). ’قرآن مجيد‘، علمي ڪتاب گهر، اردو بازار، ڪراچي، مارچ ٢٠٠٧ع ، سورت آل عمران، سيپارو ٽيون، آيت نمبر ٨١، ص ٩٠.

٣. لطيفي، سليم ڀٽو، ’ڳالھ پريان جي ڳُجھ جي....!!‘ سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ٢٠١٣ع، ص: ٩١-٩٢.

٤. ساڳيو، ص: ٩٣.

٥. عامر رقيہ، ’شاھ لطيف جا سورما‘، ڀٽائي تحقيقي جرنل، شاھ عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور، جلد ٢، شمارو:٢، ٢٠١٦ع ، ص: ١٢٩.

٦. لطيفي، سليم ڀٽو، ’ڳالھ پريان جي ڳُجھ جي....!!‘ سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ٢٠١٣ع، ص: ٩١-٩٢.

٧. عامر رقيہ، ’شاھ لطيف جا سورما‘، ڀٽائي تحقيقي جرنل، شاھ عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور، جلد ٢، شمارو:٢، ٢٠١٦ع، ص: ١٣٠.

٨. ساڳيو، ص: ١٢٩.

٩. لطيفي، سليم ڀٽو، ’هھڙا سيڻ سڌير‘، ڀٽائي لٽريري ايجوڪيشنل اينڊ سوشل ويلفيئر سوسائٽي، ڄامر شورو، ٢٠٠٢ع، ص: ١-٢.

١٠. ساڳيو، ص: ٢٩.

١١. ڪاشف، محمد حسين، ’سرسورٺ جو فلسفو/ ماهيت‘، مرتب: تاج جويو، ’سُر سورٺ ھڪ مطالعو‘، ڀٽ شاھ، ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز ڪميٽي، ٢٠٠٣ع ، ص: ٣٠-٣١.

١٢. لاڪو، الحاج رحيم بخش، قمر، مُهڙَ مِڙني مُرسَلين، (مرتب)، حميد سنڌي، سُر بلاول حيدرآباد: شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز، ١٩٩٢ع، ص: ١٤٢ .

Shah Abdul Latif Bhitai Chair